


# مُني جو لاش

(غوثِ اعظم رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ جون حڪايتون)

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابوبلال

محمد الياس عطّار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مُنـي جو لاش

**شيطان ڪيڏي بہ سستي ڏياري هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جي دل ۾ غوثِ اعظم جي محبت وڌي ويندي.**

## دُرود شريف جي فضيلت

**نبيِّ معظّم**، رسولِ محترم، حبيبِ مڪرّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن** فرمايو: ”مسلمان جيستائين مون تي درود شريف پڙهندو رهندو آهي، ملائڪ ان تي رحمتون موڪليندا رهندا آهن، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي گهٽ پڙهي يا وڌيڪ. (ابن ماجه ج1 ص 490 حديث 907 دار المعرفة بيروت)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**خانقاه** ۾ هڪ پرديدار عورت پنهنجي **مُنّي** (يعني نينگر) **جو لاش** چادر ۾ ويڙهي، سيني سان لڳائي زار و زار روئي رهي هئي، ايتري ۾ هڪ ”**مدني مُنّو**“ ڊوڙندو اچي ٿو ۽ همدردي واري لهجي ۾ ان عورت ڪان روئڻ جو سبب پُڇي ٿو، اُها روئيندي ٻڌائي ٿي، پٽ! منهنجو مڙس پنهنجي هن لختِ جگر جي ديدار جي حسرت ڪٽي، دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي. ان وقت هي نينگر منهنجي پيٽ ۾ هو هاڻي مون وٽ اِهو ئي سندس پيءُ جي آخري نشاني ۽ منهنجي زندگيءَ جو سرمايو هو، هي بيمار ٿي پيو تہ مان ڪيس هن ئي خانقاه ۾ دم ڪرائڻ جي لاءِ آڻي رهي هيس تہ واٽ ۾ ئي هن دم ڏڻي حوالي ڪري ڇڏيو، آءُ پوءِ بہ وڏي اميد ڪري هتي حاضر ٿيس، تہ هن خانقاه واري بزرگ جي ڪرامتن جو هر طرف چرچو آهي ۽

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

سندن نگاهِ ڪرم سان اجا به گهڻو ڪجهه ٿي سگهي ٿو، پرسائين جن مون کي صبر جي تلقين ڪري اندر تشريف ڪٺي ويا، ايترو چئي ڪري اها عورت ٻيهر ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي. اهو ڏسي ان مدني مُنّي جي دل ڏڪاري ٿي پيئي ۽ سندس رحمت ڀري زبان مان هي لفظ جاري ٿي ويا: **"محترمه! توهان جو مُنّو مئو ناهي بلڪ جيئرو آهي، ڏسو ته سهي! هو چرپر ڪري رهيو آهي." ڏڪايل ماءُ بيقراريءَ منجهان پنهنجي منّي جي لاش تان ڪپڙو هٽائي ڏٺو ته هو سچ پچ زندهه هو ۽ هٿ پير لوڏي ڪيڏي رهيو هو،** ايتري ۾ خانقاهه وارا بزرگ اندران ٻاهر تشريف ڪٺي آيا ۽ مئل نينگر کي جيئرو ڏسي سڄي ڳالهه سمجهي ويا، ۽ لٺ کڻي اِهو چوندي "مدني مُنّي" جي طرف وڌيا ته، تو هاڻي کان ئي تقديرِ خداوندي جا ڳجها راز کولڻ شروع ڪري ڏنا آهن! مدني مُنّو اتان وٺي ڀڳو ۽ اهي بزرگ سندس پويان لڳا، مدني مُنّو اوچتو قبرستان ڏانهن مڙيو ۽ وڏي آواز سان پُڪارڻ لڳو: **اي قبرن وارؤ! مون کي بچايو! ڏاڍيان ڊوڙندڙ بزرگ اوچتو حيرانگيءَ مان رڪجي ويا ڇوته قبرستان منجهان 300 مُڙدا اٿي ڪري انهيءَ "مدني مُنّي" جي ڍال بڻجي چڪا هئا ۽ اهو "مدني منّو" پري بيهي، پنهنجو چنڊ جهڙو چهرو چمڪائيندي مُرڪي رهيو هو.** اُن بزرگ وڏي حسرت سان "مدني مُنّي" ڏانهن ڏسندي چيو، پٽ! اسان تنهنجي مرتبي کي نه ٿا پُجي سگهون، تنهنڪري تنهنجي مرضيءَ آڏو ڪنڌ جهڪايون ٿا.

(مُلَخص از الحقائق في الحدائق ج1 ص142 وغيره مڪتبه اويسه رضويه، بهاولپور پاڪستان)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان کي خبر آهي تہ اهو ”مدني مُنّو“ ڪير هو؟ هِن مَدَني مُنّي جو نالو عبدُالقادر هو جيڪي اڳتي هلي غوث الاعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم جي لقب سان مشهور ٿيا.

ڪيوں نہ قاسم ہو کہ تو ابنِ ابی القاسم ہے

ڪيوں نہ قادِر ہو کہ مختار ہے بابا تیرا (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ننڍپڻ جون ست ڪرامتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جا غوثُ الاعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم پيدائشي ولي هئا. ﴿1﴾ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه اجا امڙ جي پيٽ ۾ هئا ۽ سندن امڙ کي جڏهن نِڇ ايندي هئي ۽ هو ان تي جڏهن اَلحَمدُلِلّٰه چوندي هئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه پيٽ ۾ ئي جواب ۾ يَرحَمُڪَ الله چوندا هئا. (الحقائق في الحدائق ص 139) ﴿2﴾ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه پهرين رمضان المبارڪ سومر جي ڏينهن صبح صادق جي وقت دنيا ۾ جلوه گر ٿيا، ان وقت سندن چپ آهستي آهستي حرڪت ڪري رهيا هئا ۽ الله، الله جو آواز اچي رهيو هو. (ايضًا) ﴿3﴾ جنهن ڏينهن سندن ولادت ٿي ان ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ولادت واري شهر جيلان شريف ۾ يارهن سؤ ٻار پيدا ٿيا اهي سڀ جا سڀ ڇوڪرا هئا ۽ سڀئي وليُ الله ٿيا. (تفريح الخاطر ص 15) ﴿4﴾ حضور غوثُ الاعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم پيدا ٿيندي ئي روزو رکي ڇڏيو ۽ جڏهن سج لٿو تہ ان وقت پاڻ امڙ جو کير پيتائون، سڄو رمضان المبارڪ سندن اهو ئي معمول رهيو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

(بهجة الاسرار ص 172) **﴿5﴾ پنج سالن جي عمر ۾ جڏهن پهريون ڀيرو بِسمِ الله پڙهڻ جي رسم جي لاءِ ڪنهن بزرگ وٽ وينا تہ اَعُوذ ۽ بِسمِ الله پڙهي سورة الفاتحه ۽ الٓمّ کان وٺي ارڙهن سيپارا پڙهي ٻُڌايائون. ان بزرگ چيس: پٽ! اڃا پڙهو. فرمايائون: بس مون کي ايترو ئي ياد آهي ڇو تہ منهنجي امڙ کي بہ ايترو ئي ياد هو، جڏهن آءُ پنهنجي امڙ جي پيٽ ۾ هئس ان وقت پاڻ پڙهنديون هيون، سو مون ٻُڌي ياد ڪري ورتو هو.** (الحقائق في الحدائق ص 140) **﴿6﴾ جڏهن پاڻ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **ننڍپڻ ۾ ڪيڏڻ جو ارادو فرمائيندا هئا تہ غيب کان آواز ايندو هو: "اي عبد القادر! اسان توهان کي ڪيڏڻ جي لاءِ پيدا ناهي ڪيو."** (ايضًا) **﴿7﴾ پاڻ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **مدرسي ۾ تشريف کڻي ويندا هئا تہ آواز ايندو هو: الله** عَزَّوَجَلَّ **جي وليءَ کي جڳهہ ڏيو."** (بهجةالاسرار ص 48)

نَبوی مِینہ عَلَوی فَصل بَتُولی گلشن
حَسَنی پھول حُسَینی ہے مَہکنا تیرا (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪرامت جي تعريف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو اوليائن جي ڪرامتن جي معاملي ۾ شيطان جي وسوسي ۾ اچي ڪرامتن کي عقل جي تارازيءَ ۾ تورڻ لڳندو آهي ۽ اهڙيءَ ريت گمراهہ ٿي ويندو آهي. ياد رکو! ڪرامت چئبو ئي ان خِرقِ عادت ڳالهہ کي آهن جيڪا عقلي طور مُحال يعني ظاهري سببن جي ذريعي ان جو ظاهر ٿيڻ ناممڪن هجي پر الله** عَزَّوَجَلَّ **جي عطا سان اولياءِ ڪرام** رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام **کان اهڙيون**

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

ڳالهيون ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ٿي وينديون آهن. **نبيءَ** کان نُبُوَّت جي اعلان کان پهريان اهڙيون شيون ظاهر ٿين ته انهن کي **اِرهاص** چئبو آهي ۽ نُبُوَّت جي اعلان کان پوءِ صادر ٿين ته **مُعجِزو** چئبو آهي. عام مؤمنن کان جيڪڏهن اهڙيون شيون ظاهر ٿين ته ان کي **مَعُونت** ۽ وليءَ کان ظاهر ٿين ته **ڪرامت** چئبو آهي. پر جيڪڏهن ڪافر يا فاسق کان ڪا خِرَقِ عادت ظاهر ٿئي ته ان کي **اِسۡتِدۡراج** چئبو آهي.

(مُلَخّص از بهار شريعت ج1 ص56-58 مڪتبہ المدينہ باب المدينہ ڪراچي)

عقل کو تنقید سے فُرصت نہیں
عِشق پر اعمال کی بُنیاد رکھ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# غوثِ اعظم مِرگهي کي ڀڄائي ڇڏيو

هڪ ڏينهن بارگاهِ غوثيَّت مآب ۾ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو: عالي جاه! منهنجي گهرواريءَ کي مِرگهي ٿي پئي آهي، حُضُور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمايو: اُن جي ڪن ۾ چئو ته غوثِ اعظم جو حڪم آهي ته بغداد مان نڪري وڃ. اهڙي طرح اُن وقت ئي اُها نيڪ ٿي وئي.

# مِرگهي شرير جِنّ آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! منهنجا آقا اعليٰ حضرت اِمامِ اَهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: (مِرگهي) وڏي خبيث بَلاَ آهي ۽ جيڪڏهن ٻارن کي ٿئي ته انهيءَ کي **اُمُّ الصِّبيَان** چوندا آهن، (ٻارن جي هڪ بيماري جنهن سان عضون ۾ جهٽڪا لڳندا

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

آهن) نہ تہ صَرع (مرگهي) آهي. تجربي مان ثابت ٿيو آهي تہ جيڪڏهن 25 سالن جي اندر اندر ٿي، تہ اُمّيد آهي تہ ختم ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن 25 سالن کان بعد يا 25 سالن واري ڪي ٿي تہ هاڻي نہ ويندي. ها ڪنهن ولي جي ڪرامت يا تعويذ سان ختم ٿي وڃي تہ اها ٻئي ڳالهہ آهي. هي (يعني مِرگهي) حقيقت ۾ هڪ (شرير جِنّ يعني) شيطان آهي جيڪو انسان کي ستائي ٿو.

## ٻارن کي مِرگهي کان بچائڻ جو نُسخو

ٻار پيدا ٿيڻ کان پوءِ جيڪا اَذان ۾ دير ڪئي ويندي آهي، اِن سان اڪثر هي (يعني مِرگهي جو) مَرَض ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ٻار پيدا ٿيڻ کان پوءِ پهريون ڪم هي ڪيو وڃي جو وهنجهاري اَذان ۽ اِقامت ٻار جي ڪَن ۾ ڏني وڃي تہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ سڄي عمر (مِرگهي کان) حفاظت رهندي. (ملفوظات اعليٰ حضرت ص417 مڪتبةالمدينہ ڪراچي)

رضؔا کے سامنے کی تاب کِس میں
فلک وار اِس پہ ترا ظِل ہے یا غوث (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## غوث الاعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَکْرَم جو ڪوهہ

هڪ ڀيري بغداد شريف ۾ طاعون جي بيماري پکڙجي وئي ۽ ماڻهو ڌڙا ڌڙ مرڻ لڳا. ماڻهن غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ هن مصيبت مان ڇوٽڪاري جي درخواست پيش ڪئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ارشاد فرمايو: ”اسان جي مدرسي جي چوڌاري جيڪو گاهہ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

اهو کائو ۽ اسان جي مدرسي جي کوهه جو پاڻي پيئو. جيڪو ائين کندو اهو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر مرض کان شفا ماڻيندو.“ اهڙي طرح گاهه ۽ کوهه جي پاڻي مان شفا ملڻ شروع ٿي ويئي. ايتري تائين جو بغداد شريف مان طاعون جو مرض ائين ڀڳو جو وري ڪڏهن به موٽي نه آيو. (تفريح الخاطرفي مناقب الشيخ عبدالقادر ص 43)

”طبقات الکُبريٰ“ ۾ غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم جو هي ارشاد به نقل ڪيو ويو آهي ته جنهن مسلمان جو منهنجي مدرسي وٽان گذر ٿيو، قيامت جي ڏينهن ان جي عذاب ۾ گهٽتائي ٿيندي. (طبقات الکبريٰ للشّعراني الجزء الاوّل ص 179 دارالفکر بيروت) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تـي رحمـت هجـي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

گناہوں کے اَمراض کی بھی دوا دو
مجھے اب عطا ہو شِفا غوثِ اعظم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ٻُڏي ويل ڄڃ

هڪ ڀيري سرڪار بغداد، حضور سيّدُنا غوثُ الاعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم دريا جي طرف تشريف کڻي ويا، اتي هڪ پوڙهي عورت کي ڏٺائون جيڪا زار و زار روئي رهي هئي. هڪ مريد بارگاهِ غوثِ اعظم ۾ عرض ڪيو: يا مرشِدي! هن ٻيڙي جو هڪ ئي حسين پٽ هو، ويچاريءَ ان جي شادي ڪرائي، گهوٽ نڪاح ڪري ڪنوار کي هن ئي درياءَ مان ٻيڙيءَ جي ذريعي پنهنجي گهر آڻي رهيو هو ته ٻيڙي اونڌي ٿي پئي ۽ گهوٽ، ڪنوار سميت سڄي ڄڃ ٻُڏي وئي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

هن واقعي کي اڄ ٻارهن سال گذري چڪا آهن پر ماءُ جي دل آهي ويچاريءَ جو غم وڃي ئي ڪونه ٿو، هيءَ روزانو هن درياءَ تي ايندي آهي ۽ ڄڄ کي نه ڏسي، روئي روئي هلي ويندي آهي. حضور غوثُ الاعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم کي هن ٻڍڙي تي ڏاڍو ترس آيو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ دعا لاءِ هٿ کنيائون ڪجهه منٽن تائين ڪجهه به ظاهر نه ٿيو، بيتاب ٿي بارگاهِ الاهيعَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون: ”يااللّٰه عَزَّوَجَلَّ ايتريقدر دير ڇو؟“ ارشاد ٿيو: ”اي منهنجا پيارا! هيءَ دير تقدير ۽ تدبير جي خلافِ ناهي، اسان چاهيون ها ته هڪ حڪمِ ڪُن سان تمام زمين ۽ آسمان پيدا ڪريون ها، پر حڪمت جي تقاضا تحت، ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪياسين، ڄڄ جي ٻُڏڻ کي ٻارهن سال گذري چڪا آهن، هاڻي نه اها ٻيڙي باقي رهي آهي نه ئي ان جي ڪا سواري، تمام انسانن جو گوشت وغيره به دريائي جانور کائي چڪا آهن، ذري ذري کي جسم جي حصن ۾ گڏ ڪرائي ٻيهر زندگيءَ جي مرحلي ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هاڻي انهن جي اچڻ جو وقت ٿي چڪو آهي، اڃا اهو ڪلام ختم ئي نه ٿيو هو ته **هڪدم اها ٻيڙي سموري سامان، گهوٽ، ڪنوار ۽ ڄاڃين سُوڌو پاڻيءَ جي سطح تي ظاهر ٿي پيئي ۽ ڪجهه ئي گهڙين ۾ ڪناري تي اچي لڳي، تمام ڄاڃي سرڪارِ بغداد** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه **ڪان دعائون وٺي خوشي خوشي پنهنجي گهر پهتا. ان ڪرامت جو ٻُڌي بيشمار ڪافرن سيِّدُنا غوثُ الاعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم **جي بارگاهه ۾ اچي سندن هٿ مبارڪ تي اسلام قبول ڪيو.** (سلطان الاذڪار في مناقب غوث الابرار، لشاه محمد بن الهمدني)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

نکالا ہے پہلے تو ڈوبے ہوؤں کو
اور اب ڈوبتوں کو بچا غوثِ اعظم (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ڇا ٻانهو مُردي کي زنده ڪري سگهي ٿو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ موت ۽ زندگي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اختيار ۾ آهي پر **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي مُئل جيئرا ڪرڻ جي طاقت بخشي ته ان جي لاءِ ڪا مشڪل ڳالهه ناهي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان اسان ڪنهن ٻئي کي مردا جيارينڌڙ مڃون ته ان سان اسان جي ايمان تي ڪوبه اثر ڪونه ٿو پوي. جيڪڏهن شيطان جي ڳالهين ۾ اچي ڪنهن پنهنجي ذهن ۾ اِهو ويهاري ڇڏيو آهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ ڪنهن ٻئي کي مُئل جيارڻ جي طاقت ئي ناهي ڏني ته ان جو اِهو نظريو يقينًا قرآني حڪم جي خلاف آهي. ڏسو! قرآن پاڪ حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مريضن کي شفا ڏيڻ ۽ مُردن کي جيارڻ جي طاقت جو صاف صاف اعلان ڪري رهيو آهي جيئن سيپاري 3 ۾ سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرٰن جي آيت نمبر 49 ۾ حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ روح **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو هي ارشاد نقل ڪيو ويو آهي:

وَاُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ وَاُحْيِ الْمَوْتٰى بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ مان شفا ڏيندو آهيان مادرزاد انڌن کي ۽ ڪوڙهه واري کي ۽ مان مُئل جياريندو آهيان الله جي حڪم سان.

اميد آهي ته شيطان جو وِڌل وَسوَسو پاڙان پٽجي ويو هوندو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

چو تہ مسلمان جو قرآن شريف تي ايمان هوندو آهي ۽ هو قرآن جي حڪم خلاف ڪو دليل تسليم ڪندو ئي ناهي. بهرحال **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي مقبول ٻانهن کي طرح طرح جي اختيارن سان نوازيندو آهي ۽ انهن کان اهڙيون ڳالهيون ظاهر ٿينديون آهن جيڪي انساني عقل جي بُلندين کان تمام گهڻو مٿي هونديون آهن. يقينًا **الله** وارن جي طاقت ۽ اختيارن جي بُلنديءَ کي دنيا وارن جي عقل جي اُڏام ڇُهي بہ نہ ٿي سگهي.

# سائنسدان جي نظر

موجوده دؤر جو سڀ کان وڏو سائنسدان ”آئن اسٽائن“ چئي ويو آهي: ”مون ريڊيو، دوربين جي ذريعي هڪ اهڙو ڪهڪشان تہ ڏٺو آهي جيڪو زمين کان ٻہ **ڪروڙ نوري سال** پري آهي يعني روشني جيڪا **في سيڪنڊ هڪ لک ڇهاسي هزار ميل** جو سفر پورو ڪندي آهي اتي ٻہ ڪروڙ سالن ۾ پهچندي پر جيسيتائين ڪائنات جون سرحدون معلوم ڪرڻ جو تعلق آهي تہ جيڪڏهن منهنجي عمر هڪ ملين يعني ڏهہ لک سال بہ ٿي وڃي تڏهن بہ ڳولا نہ ٿو ڪري سگهان.“

**سائنسدان** جي برعڪس خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي ولي حضور **غوثِ اعظم** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ الْاَکْرَم جي نظر جي عظمت ۽ شان ڏسو پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا:

نَظَرْتُ اِلٰی بِلَادِ اللّٰہِ جَمْعًا ۔ کَخَرْدَلَۃٍ عَلٰی حُکْمِ التِّصَالٖ

**يعني:** ” **الله** عَزَّوَجَلَّ جا تمام شهر منهنجي نظر ۾ ائين آهن جيئن ترِيءَ تي سرنهن جو داڻو.“ **منهنجا آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

بارگاهِ **غوثيت مآب** ۾ عرض ڪن ٿا تہ:

وَرَفَعْنَا لَکَ ذِکْرَکَ کا ہے سایہ تجھ پر

بول بالا ہے ترا ذِکر ہے اُونچا تیرا (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# بدعقيده قاتل جي سزا

**هاڻي سندن** وِصال شريف کي ڏگهو عرصو گذرڻ کان پوءِ هندستان ۾ ظاهر ٿيڻ وارو هڪ ايمان افروز واقعو پڙهو ۽ جُهومو: رنجيت سنگهہ جي دؤرِ حڪومت جو واقعو آهي، هڪ نالي ماتر مسلمان جيڪو **اوليائن جي ڪرامتن** جو منڪر هو. بدقسمتي سان هڪ شادي شُده هندو عورت کي دل ڏئي وينو. هڪ ڀيري هندو پنهنجي زال کي مائٽن وٽ ڇڏڻ جي لاءِ گهران ٻاهر نڪتو، ۽ هوڏانهن ان بدبخت عاشق تي شهوت غالب آئي، پوءِ هن ان جو پيڇو ڪيو ۽ هڪ ويران جڳهہ تي انهن ٻنهي کي وڃي پهتو، اهي ٻئي پيادل هئا ۽ هي گهوڙي تي سوار هو. هن همدرديءَ جو اظهار ڪندي، سواريءَ جي پيشڪش ڪئي پر هندوءَ انڪار ڪيو، هو اصرار ڪرڻ لڳو تہ چڱو عورت کي ئي پُنيان ويهڻ جي اجازت ڏئي، جو هيءَ ويچاري ٿڪجي پوندي. هندوءَ کي ان جي نيّت تي شڪ ٿيڻ لڳو، تنهنڪري ان چيس تون ضمانت ڏي تہ ڪنهن بہ قسم جي خيانت نہ ڪندين ۽ منهنجي زال کي منزل تي پهچائيندين. ان چيو تہ هتي جهنگ ۾ ضامن ڪٿان آڻيان؟ عورت چوڻ لڳي:

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

مسلمان يارهين واري وڏي پير صاحب کي تمام گهڻو مڃيندا آهن تون اُن جي ضمانت ڏي.“ اهو جيتوڻيڪ غوثُ الاعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم جي تَصَرّفات جو قائل نہ هو پر اهو سوچي تہ ها چوڻ ۾ ڇا ٿو وڃي؟ هن ها ڪري ڇڏي. جيئن ئي عورت گهوڙي تي سوار ٿي، هن ظالم تلوار سان ان جي مڙس جو ڪنڌ لاهي ڇڏيو ۽ گهوڙي کي اڙي هنيائين عورت غم کان بي حال ۽ ڏنل، هراسيل بار بار مُڙي پوئتي ڏسي رهي هئي. ان چيس تہ بار بار پوئتي ڏسڻ سان ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيندئي، تنهنجو مڙس هاڻي واپس نہ ٿو اچي سگهي. ان ڏکندڙ آواز ۾ چيو: مان تہ وڏي پير صاحب کي ڏسي رهي آهيان. ان تي هن هڪ ٺهڪ ڏئي چيو تہ وڏي پير صاحب کي تہ فوت ٿئي ڪئي سال گذري چڪا آهن هاڻي ڀلا هو ڪٿان ايندو! ايترو چوڻ هو جو اوچتو ہ بزرگ ظاهر ٿيا انهن مان هڪ وڏي ڪري تلوار سان ان بدعقيده عاشق جو ڪنڌ لاٿو ۽ پوءِ عورت کي گهوڙي سميت ان جڳھ تي آندائون جتي اهو هندو مُئل پيو هو، ٻنهي مان هڪ بزرگ جدا ٿيل سسيءَ کي ڌڙ سان ملائي چيو: ”قُمْ بِاِذْنِ الله“ يعني ”اٿ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان“. اهو هندو انهيءَ وقت زنده ٿي ويو ۽ اهي ٻئي بزرگ غائب ٿي ويا. اهي ٻئي زال مڙس گهوڙي تي سوار ٿي خيريت سان گهر موٽي آيا. مقتول جي وارثن گهوڙو سُڃاڻي، رنجيت سنگھ جي ڪورٽ ۾ ٻنهي زال مڙس تي ڪيس داخل ڪيو تہ اسان جو ماڻهو غائب آهي ۽ گهوڙو انهن وٽ آهي شايد انهن اسان جي ماڻهوءَ کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن پيشي ٿي،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)**

انهن زال مڙس جهنگ جو سمورو واقعو ٻڌايو ۽ چيائون تہ انهن ٻنهي بزرگن مان هڪ بزرگ هتان جي مشهور **مَجذُوب گل محمّد شاهہ صاحب جا همشڪل هئا،** اهڙي طرح ان مَجذوب بزرگ کي گهرايو ويو، پاڻ تشريف ڪٺي آيا ۽ پاڻ ايندي ئي اوّل کان آخر تائين سمورو واقعو لفظ بہ لفظ بيان ڪيائون. ماڻهو **حضور غوثِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم **جي اها زندهہ ڪرامت ڏسي ڪري واهہ واهہ ڪرڻ لڳا.** رنجيت سنگهہ ڪيس خارج ڪندي انهن ٻنهي زال مڙس کي انعام ۽ اِڪرام ڏئي رخصت ڪيو. (الحقائق في الحدائق ص95)

الاماں قہر ہے اے غوث وہ تیکھا تیرا
مر کے بھی چین سے سوتا نہیں مارا تیرا (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ستر ڀيرا اِحتِلام

**حضرتِ سيّدُنا غوث اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم **جي هڪ مريد کي هڪ ئي رات ۾ هر ڀيري نئين عورت جي سبب ستر ڀيرا اِحتِلام ٿيو. صبح جو غسل کان فارغ ٿي پنهنجي پريشاني جي دانهن ڪٺي پنهنجي مرشدِ ڪريم حضور غوثِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم **جي خدمتِ باعظمت ۾ حاضر ٿيو، ان کان اڳ جو هو ڪجهہ عرض ڪري، سرڪارِ بغداد حضورِ غوثِ اعظم** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم **پاڻ ئي فرمايو: رات واري واقعي کان نہ گهٻرايو مون رات لوح محفوظ تي نظر وڌي تہ توهان جي باري ۾ ستر مختلف عورتن سان زنا ڪرڻ مُقدر هو، مون بارگاهِ الاهي** عَزَّوَجَلَّ **۾ التجا ڪئي تہ هو تنهنجي تقدير کي بدلائي ڇڏي ۽ انهن**

فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

گناهن کان توهان جي حفاظت فرمائي، پوءِ انهن سمورن واقعن کي خواب ۾ احتلام جي صورت ۾ تبديل ڪيو ويو. (بهجة الاسرار ص 193)

ترے ہاتھ میں ہاتھ میں نے دیا ہے
ترے ہاتھ ہے لاج یاغوثِ اعظم (ذوقِ نعت)

## غوث اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جا فرمان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن پير ڪامل جي بيعت ضرور ڪرڻ گهرجي جو پير جي توجُّه سان مصيبتون ٽري ويندیون آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن وڏي آفت ننڍي آفت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. ”بَهجَةُ الاَسرار“ ۾ آهي، پيرن جي پير، پيرِ دستگير، روشن ضمير، قطبِ ربّاني، محبوبِ سُبحاني، پيرِلاثاني، قنديل نوراني، شهباز لامڪاني، شيخ ابو محمّد سيّد عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي جو فرمانِ بشارت نشان آهي: مون کي هڪ تمام وڏو رجسٽر ڏنو ويو جنهن ۾ منهنجي دوستن ۽ قيامت تائين ٿيڻ وارن مريدن جا نالا لکيل هئا ۽ چيو ويو تہ اهي سمورا ماڻهو توهان جي حوالي ڪيا ويا آهن، وڌيڪ فرمائن ٿا: مون جهنّم جي داروغي کان پڇيو: ڇا جهنم ۾ منهنجو ڪو مُريد بہ آهي؟ ان جواب ڏنو: ”نہ“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اڳتي فرمايائون: مون کي پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جي عزت ۽ جلال جو قسم! منهنجو حمايت وارو هٿ منهنجي مُريد تي ائين آهي جيئن آسمان زمين تي ڇپر ڇانوَ ڪري بيٺو آهي. جيڪڏهن منهنجو مُريد سٺو نہ بہ هيو تہ ڇا ٿيو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ مان تہ سٺو آهيان. مون کي پنهنجي پالڻهار جي عزّت ۽ جلال جو قسم! مان ان وقت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

تائين پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ کان نہ هٽندس، جيسيتائين پنهنجي هڪ هڪ مُريد کي جنّت ۾ داخل نہ ڪرائي وٺان. (ايضًا)

مريدوں کو خطرہ نہیں بحرِ غم سے
کہ بیڑے کے ہیں ناخدا غوثِ اعظم (ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# عظيمُ الشان ڪرامت

ابوالمظفر حسن نالي هڪ واپاريءَ حضرتِ سيّدُنا شيخ حمّاد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْجَوَاد جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: حضور! مان واپار جي لاءِ قافلي سان گڏ ملڪ شام وڃي رهيو آهيان. توهان کي دعا جي لاءِ درخواست آهي سيّدُنا شيخ حمّاد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْجَوَاد فرمايو: ”توهان پنهنجو سفر ملتوي ڪري ڇڏيو، جيڪڏهن ويندؤ تہ ڌاڙيل توهان جو سڄو مال بہ ڦُري ويندا ۽ توهان کي بہ قتل ڪري ڇڏيندا.“ واپاري اهو ٻُڌي ڪري ڏاڍو پريشان ٿيو، انهيءَ پريشانيءَ جي عالم ۾ واپس موٽي رهيو هو تہ رستي ۾ حضور غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم ساڻس ملي ويا. پڇيائون: ڇو پريشان آهيو؟ ان سمورو واقعو ٻڌايو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمايائون: ”پريشان نہ ٿيو شوق سان ملڪِ شام جو سفر ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سڀ بهتر ٿي ويندو.“ پوءِ هو قافلي سان گڏ روانو ٿي ويو، ان کي ڪاروبار ۾ گهڻو فائدو ٿيو، هو هڪ هزار(1000) اشرفين جي ٿيلهي کڻي شام جي شهر ”حَلَب“ پهتو. اتفاق سان اشرفين جي ٿيلهي ڪٿي رکيائين ۽ ڪيس ڳالهہ وسري ويئي، انهيءَ فڪر ۾ مٿس ننڊ غلبو ڪيو ۽ هو سُمهي پيو، ننڊ ۾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

ان هڪ ڀوائتو خواب ڏٺائين ته ڌاڙيلن قافلي تي حملو ڪري سڄو مال ڦري ورتو آهي ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيو آهي، خوف منجهان ان جي اک کلي وئي، گهبرائي اٿيو ته اتي ڪو ڌاڙيل وغيره نه هو. هاڻي ان کي ياد آيو ته اشرفين جي ٿيلهي مون فلاڻي جڳهه تي رکي آهي. جلدي ۾ اتي پهتو ته ٿيلهي ملي وئي، خوشي خوشي بغداد شريف واپس وريو ۽ سوچڻ لڳو ته پهريان غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم سان مِلان يا شيخ حمّاد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْجَوَاد سان؟ اتفاق سان رستي ۾ ئي سيّدُنا شيخ حمّاد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْجَوَاد ملي ويا ۽ ڏسندي ئي فرمائڻ لڳا، پهريان غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم سان ملو جو هو محبوب ربّاني آهن، انهن توهان جي حق ۾ سترهن ڀيرا دعا گهري هئي، تڏهن وڃي توهان جي تقدير بدلي، جنهن جي مون توهان کي خبر ڏني هئي. الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ٿيڻ واري واقعي کي غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جي دعا جي برڪت سان سُجاڳيءَ مان خواب ۾ منتقل ڪري ڇڏيو. تنهن بعد هو بارگاهِ غوثيت مآب ۾ حاضر ٿيو. غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم کيس ڏسندي ئي فرمايو: ”واقعي مون توهان لاءِ سترهن ڀيرا دعا گهري هئي. وڌيڪ فرمايائون: مون تنهنجي لاءِ 17 ۽ 17 کان 70 ڀيرا دعا گهري هئي.“ (بهجة الاسرار ص64) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

غرض آقا سے کروں عرض کہ تیری ہے پناہ
بندہ مجبور ہے خاطر پہ ہے قبضہ تیرا (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

# قبر جي عذاب کان ڇوٽڪارو

هڪ غمگين نوجوان حاضر ٿي بارگاهِ غوثيّت ۾ فرياد ڪئي: حضور! مون پنهنجي مرحوم پيءُ کي رات خواب ۾ ڏٺو، هو چئي رهيا هئا تہ ”پٽ! مان قبر جي عذاب ۾ مبتلا آهيان، تون سيِّدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوْرَانِي جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي منهنجي لاءِ دعا جي درخواست ڪر. اهو ٻُڌي ڪري سرڪارِ بغداد حضورِ غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم اِسْتِفسار فرمايو: ڇا تُنهنجا والد صاحب منهنجي مدرسي وٽان ڪڏهن گذريا هئا؟ ان عرض ڪيو، جي ها. بس پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه خاموش ٿي ويا. اهو نوجوان هليو ويو، ٻئي ڏينهن خوشيءَ مان مُرڪندي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو: يا مرشد! اڄ رات والدِ مرحوم سبز حلّو (يعني سائو لباس) پائي خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ هو بيحد خوش هئا، چئي رهيا هئا: ”پٽ! سيِّدُنا شيخ عبد القادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي جي برڪت سان مون کان عذاب دور ڪيو ويو آهي ۽ هي سبز حلّو بہ مليو آهي منهنجا پيارا پٽ تون سندن خدمت ۾ رهندو ڪر.“ اهو ٻُڌي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: منهنجي ربعَزَّوَجَلَّ مون سان واعدو فرمايو آهي تہ جيڪو مسلمان تنهنجي مدرسي وٽان گذرندو ان جي عذاب ۾ گهٽتائي ڪئي ويندي. (بهجة الاسرار ص 194)

نزع میں، گور میں، میزاں پہ سرِ پل پہ کہیں
نہ چھٹے ہاتھ سے دامانِ معلّٰی تیرا (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

# مُردي جون رڙيون ۽ ڪوڪون

هڪ ڀيري بارگاهِ غوثيّت مآب ۾ حاضر ٿي ڪري ماڻهن عرض ڪيو: عاليجاهہ "بابُ الْاَزج" جي قبرستان ۾ هڪ قبر مان رڙين ۽ ڪوڪن جا آواز اچي رهيا آهن. حضور! ڪجهہ ڪرم فرمايو تہ ويچاري جو عذاب دور ٿي وڃي. پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ارشاد فرمايائون: ڇا ان مون کان خلافت جو خِرقو (يعني جُبو) پاتو آهي؟ ماڻهن عرض ڪيو: تہ اسان کي معلوم ناهي. فرمايائون: ڇا هو ڪڏهن منهنجي مجلس ۾ حاضر ٿيو هو؟ ماڻهن لاعلميءَ جو اظهار ڪيو. فرمايائون: ان ڪڏهن منهنجي ماني کاڌي هئي؟ ماڻهن وري لاعلميءَ جو اظهار ڪيو. پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پڇيائون: ڇا ڪڏهن منهنجي پُٺيان نماز ادا ڪئي هئائين؟ ماڻهن ساڳيو ئي جواب ڏنو. پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ٿورو مٿو مبارڪ جُهڪايو تہ مٿن جلال ۽ وقار جا آثار ظاهر ٿيا. ڪجهہ دير ڪانپوءِ فرمايائون: مون کي هاڻي هاڻي ملائڪن ٻُڌايو تہ: "هن توهان جي زيارت ڪئي آهي ۽ توهان سان ان کي عقيدت بہ هئي تنهنڪري الله تبارڪ وتعاليٰ ان تي رحم فرمايو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جي قبر مان آواز اچڻ بند ٿي ويا. (بهجة الاسرار للشّطنوفي 194)

بد سہی، چور سہی، مُجرم و ناکارہ سہی

اے وہ کیسا ہی سہی ہے تو کریما تیرا (حدائقِ بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سنڌي ترجمو پيشڪش
مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)

